SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 1985
# SINDH ACT NO.I OF 1985
# سنڌ ماليات ايڪٽ، 1985
# THE SINDH FINANCE ACT, 1985
## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ V جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of West Pakistan Act V of 1958

3. 1964 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964

4. 1977 جي سنڌ ايڪٽ VII جي ترميم
Amendment of Sindh Act VII of 1977

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 1985
# SINDH ACT NO.I OF 1985
# سنڌ ماليات ايڪٽ، 1985
# THE SINDH FINANCE ACT, 1985

[23 جون 1985]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ڪجھ محصولن ڪي معقول بڻايو ۽ ختم ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ ڪجھ محصولن ڪي معقول بڻائڻ ۽ ختم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪي هن ريت جوڙي نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ ڪي سنڌ ماليات ايڪٽ، 1985 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور ۽ پهرين جولاءِ 1985 کان لاڳو ٿيندو.

1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of West Pakistan Act V of 1958

2. سنڌ شهري غير منقول ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1985 جي دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (3-B) کي ان هيٺان وضاحت سميت ختم ڪيو ويندو.

1964 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي ترميم

3. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 ۾:

(a) دفعہ 11 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظ ۽ انگ "جريان 7" لاءِ لفظ ۽ انگ "جريان 4" متبادل ٿيندو؛

Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964

(b) ستين شيڊول لاءِ هن ايڪٽ ۾ شيڊول تبديل ڪيو ويندو.

1977 جي سنڌ ايڪٽ VII جي ترميم
Amendment of Sindh Act VII of 1977

4.سنڌ ماليات ايڪٽ، 1977 جي دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، موجود شقن لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

| | |
|---|---|
| “(a) انهيءَ صورت ۾ جڏهن في رهائشي يونٽ جي ڍهاڙي تي پنجهتر رپين کان گهٽ نہ ۽ ٻہ سئو ۽ پنجاهہ رپين کان وڌيڪ نہ ورتا وڃن. | سمورن رهائش اختيار ڪندڙن جي سٽ سيڪڙو تي في ڍهاڙي ڏهہ رپيا |
| “(b) انهيءَ صورت ۾ جڏهن في رهائشي يونٽ جي ڍهاڙي تي ٻہ سئو ۽ پنجاهہ رپين کان گهٽ نہ ۽ چار سئو رپين کان وڌيڪ نہ ورتا وڃن. | سمورن رهائش اختيار ڪندڙن جي سٽ سيڪڙو تي في ڍهاڙي پندرنهن رپيا |
| “(c) انهيءَ صورت ۾ جڏهن في رهائشي يونٽ جي ڍهاڙي تي چار سئو رپين کان گهٽ نہ ۽ پنج سئو ۽ پنجاهہ رپين کان وڌيڪ نہ ورتا وڃن. | سمورن رهائش اختيار ڪندڙن جي سٽ سيڪڙو تي في ڍهاڙي ويهہ رپيا |
| “(d) انهيءَ صورت ۾ جڏهن في رهائشي يونٽ | سمورن رهائش اختيار ڪندڙن جي سٽ |

| | |
|---|---|
| جي ڏهاڙي تي پنج سئو ۽ پنجاهہ رپين کان گهٽ نہ ۽ ست سئو رپين کان وڌيڪ نہ ورتا وڃن. | سيڪڙو تي في ڏهاڙي ٽيهہ رپيا |
| “(e) انهيءَ صورت ۾ جڏهن في رهائشي يونٽ جي ڏهاڙي تي ست سئو ۽ هڪ رپين کان گهٽ نہ ۽ هڪ هزار رپين کان وڌيڪ نہ ورتا وڃن. | سمورن رهائش اختيار ڪندڙن جي ست سيڪڙو تي في ڏهاڙي چاليهہ رپيا |
| “(f) انهيءَ صورت ۾ جڏهن في رهائشي يونٽ جي ڏهاڙي تي هڪ هزار ۽ هڪ رپيو ۽ ان کان وڌيڪ ورتا وڃن. | سمورن رهائش اختيار ڪندڙن جي ست سيڪڙو تي في ڏهاڙي پنجاهہ رپيا.”. |

**شيڊول**

**(ڏسو دفعہ 3)**

**“ستون شيڊول”**

**(ڏسو دفعہ 11)**

| جريان نمبر | ڪيٽيگريون | ساليانو ٽيڪس جا ملهہ |
|---|---|---|
| 1. | ڪنهن بہ ڌنڌي، واپار، ڪالنگ يا ملازمت ۾ مصروف سمورا ماڻهو ۽ جن کان گذريل مالي سال ۾ | 200 |

| | | |
|---|---|---|
| | ٽيڪس اوڳاڙي وئي هجي. | |
| 2. | سنڌ ۾ رجسٽرڊ سموريون لميٽيڊ ڪمپنيون | 5000 |
| 3. | (a) سموريون نجي ۽ پرڏيهي ڪمپنيون<br>(b) امپورٽ يا ايڪسپورٽ لائنس رکندڙ ۽ ٻئي رکندڙ<br>(c) مٿي (a) ۽ (b) ۾ ڄاڻايلن ڪانسواءِ انڊسٽرين ۽ فيڪٽرين جا مالڪ<br>(d) تعميراتي ڪم يا شيون فراهم ڪرڻ يا خدمتون يا مزدور فراهم ڪرڻ ۾ مصروف سمورا ٺيڪيدار ۽ سمورا ايجنٽ، اسٽاڪسٽ ۽ ڪميشن بنيادن تي ٻين لاءِ شيون ۽ خدمتون وڪرو ڪرڻ يا خريد ڪرڻ ۾ مصروف ايجنسيون رکندڙ. | 2500<br><br>2000<br><br>2000<br><br>2000 |
| 4. | سموريون فيڪٽريز دڪان ۽ اسٽيبلشمينٽس:<br>(a)جن کان گذريل مالي سال دوران ٽيڪس ورتي وئي هجي<br>(b) جن کان گذريل مالي سال دوران ٽيڪس نہ ورتي وئي هجي | <br><br>400<br><br>200 |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**